# ٩. پَنجَڪڙا

## پڙهو. سمجهو ۽ ڳايو.

لڳايون گَهر گَهر ۾ اچ باغَ،
وڌايون ميون ٻاچين ڪي،
گَهٽايون اَنَ جي گُهرجُن ڪي؛
مِٽايون محتاجيءَ جا داغ،
لڳايون گَهر گَهر ۾ اَچُ باغ.






صفائيِ سيوا هِڪُ وردانُ؛
نہ ڏِسجِنِ ڪِچرِنِ جاڪِتِ ڍير،
بِيماريون پَويان ڪنديوُن پير؛
هوا، جَلُ شُدِ، بَدَنُ ٻَلوانُ،
صفائيِ سيوا هڪ وَرِدانُ.

بَچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ،
سنڀالي وننديِ گَهرُ سنسارُ؛
جڳت تي پوندو باغ بَهارُ؛
سڀيئي چوندس ’جڳُ جڳُ جيءُ‘،
بچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ.





بچايون اَجُ بِجلي ۽ پاڻي،
ضرورت سڀ کي جن جي آهہ،
جِيوُن سڀ هِڪِ ٻئي جي لاءِ،
هَندايون وڏڙن جي واڻي،
بچايون اَج بِجلي ۽ پاڻي.

نوان لفظ:

مِٽايون = دور ڪريون، | محتاجي = موٿاجي، | وردان = ذات
پير ڪرڻ = پُٺتي موٽڻ، | جڳت = سنسار، | باغ بهار ٿيڻ =خوش ٿيڻ،
جُڳ جُڳ جِيئڻ = سدا سلامت رهڻ.

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱. ميوا پاڄيون وڌائڻ لاءِ ڇا ڪَرڻ گهرجي؟
۲. بيماريون پويان پير ڪڏهن ڪنديون؟
۳. بدن ٻلوان رکڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟
۴. جڳت باغ بهارُ ڪڏهن ٿي سگهندو؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱. شاعر باغ لڳائڻ لاءِ ڇو ٿو چوي؟
۲. صفائيءَ کي وردان ڪيئن ثابت ڪري سگهبو؟
۳. ڏيئرن کي بچائڻ ۽ پڙهائڻ ڇو ضروري آهي؟

**سوال ۳: بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو:**

۱. وڌايون ................................................................................... گهُرجُن کي.
۲. هِوا جل ........................................................................................ هڪ وردانُ.
۳. سنڀالي ونڌي ........................................................................... باغ بَهارُ.

**سوال ۴: بيت جي آڌار تي خال ڀريو:**

۱. مٽايون ................ جا داغ.
۲. ................ پويان ڪنديون پيرَ
۳. بچايون ڏيءُ، پڙهايون .............. .

**سوال ۵: ڏنل لفظن جا هم آوازي لفظ ڳولهي لکو:**

۱. لڳايون، باغ، وردانُ، ڏيرِ، سنسار.
۲. 'س' سان شروع ٿيندڙ ٿي لفظ ڳولهي لکو.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) شعر - بند تي عملي ڪم:**

صفائي سيوا هڪ وردان ....................................................... بچايون ڏيءُ، پڙهايون ڏيءُ.

**(i) هيٺ ڏنل سٽن جو نثري روپ لکو :-**

۱) بيماريون پويان ڪنديون پير
۲) جڳت ٿي پوندو باغ بهار

(ii) ”صفائي سيوا هڪ وردان“ بابت پنهنجا ويچار لکو.

(iii) ’وردان‘ لفظ جا اَکر ڪم آڻي نوان لفظ ٺاهيو

١) --------- (پُڇ سان لاڳاپو رکندڙ)

٢) --------- (دروازو)

٣) --------- (گهوٽ)

٤) --------- (مٿي تي موجود)

(iv) ’ٻچايون ڌيءُ، پڙهايون ڌيءُ.‘

جو آڌار وٺي هيٺ ڏنل جملن لاءِ برئڪيٽ ۾ صحيح / غلط لکو

١) ڌيءُ گهر سنسار سنڀاليندي آهي. (          )

٢) ڌيءَ هڪ بوجهه آهي. (          )

٣) ڌيءَ جمڻ تي، خوشيون ملهائڻ گهرجن. (          )

٤) ڌيءَ پڙهائڻ سان تعليم جو ڦهلاءُ ٿئي ٿو. (          )

(٢) ٻيٽي ٻچائو ٻيٽي پڙهائو‘ ڪاريڪرم هيٺ سرڪار پاران ڌيئرن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون ميسر ڪيون ويون آهن. نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

(٣) ”وڻن مان فائدا“ اِن وشيه تي مضمون لکو.

(٤) چِتر ڏسو. ڄاڻيو. چرچا ڪريو ۽ ٻڌايو ته صحيح آهن يا غلط:-

چتر ۾ ڏنل چوڪنڊي ۾ ✓ يا ✗ لکو.

